# دبئيءَ مان سنڌيت جو سڏ

- ڪمليش مورجاڻي

اِن ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ اَسانجي سنڌي جاتي جنهن هِمٿ ۽ فخر سان پاڻ کي ڪاميابيءَ جي اوچاين تي پهچايو آهي، اُن جو ٻرُ شايد ئي دنيا جي ٻئي ڪابہ جاتي ميچي سگهندي.

پر اج جو سوال اِهو آهي تہ اَسين سنڌي پنهنجي ٻوليءَ ۽ سڀيتا کي بچائڻ لاءِ پنهنجي ڪابليتن جو اِستعمال ڇو نہ ڪري رهيا آهيون؟ سنڌ مان لڏي هِند ۾ اچڻ بعد برابر اَسانجي سامهون اَٽميون مُشڪلاتون آيون، نہ فقط ايترو پر ٽڙي پکڙجي وڃڻ ڪري اَسان ٻوليءَ ۽ سڀيتا ڏانهن ڌيان گهٽ ڏيئي سگهياسين. اجان بہ دير ڪين ٿي آهي جو اَسين پوُريءَ لگن سان هِن ڏس محنت ڪريون.

شاباس لهڻي اُنهن جن سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ کي وڌائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن پر منهنجي سمجهہ ۾ شايد هڪ نالو اهڙو آهي جنهن پنهنجي ڪرٻانيءَ ۽ ڪابليت جي اهڙي ڌاڪ ڄمائي آهي جنهن تي سچي سنڌي جاتيءَ کي فخر ٿيڻ گهرجي. اِها شخصيت آهي سنڌين جي ٻن مهان ساهتيڪارن اي.جي. اُتم ۽ سندري اُتمچندانيءَ جي ڌيءَ 'آشا چاند پنجابي'.

پين ڪيترن ئي ڪوشش سان گڏ آشا هر سال دبئيءَ ۾ ساليانو سنڌي پروگرام لڳاتار ١٢ سالن کان ڪندي آئي آهي ۽ ١٨ نومبر ٢٠١١ تي هِن جو لڳاتار ١٣ پروگرام شيخ راشد هال دبئيءَ ۾ ٿيو، هميشهہ وانگر عاليشان ۽ بيحد وندرائيندڙ پروگرام جنهن دبئيءَ جي ٢٠٠٠ حاضرين جي دل اهڙي تہ ڪبضي ۾ ڪري ورتي جو ٣ ڪلاڪن جي پروگرام ۾ سڀ مستيءَ ۾ جهومڻ لڳا.

پروگرام ”سنڌيت جو سڏ“ نہ صرف سيني کي بيحد وندرايو پر وچ ۾ سيني کي جنسي روئاري پڻ ڇڏيو. شايد ئي زندگيءَ ۾ مون هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي رومال ڪيي اکين جا ڳوڙها اُگهڻ جي ڪوشش ۾ ڏٺو آهي.

سنڌونگر مان آيل هئا ڪلاڪار راج جُرياڻي ۽ ڪشن جُرياڻي ۽ سنڌ مان آيل هئي نوجوان گائڪا شهلا ڪُڪ. هِنن گڏجي سيني کي اهڙو تہ جهومايو ۽ موج مچائي جو ڄڻ سڄي هال ۾ هڪ جادو ڇانئجي ويو. برابر هي ڪلاڪار تمام ناميارا آهن پر مونکي اِهو احساس ٿيو تہ هِن آشا چاند ۽ سندس پروگرام ڪَميٽيءَ جو وڏو هٿ هو جن اهڙا تہ گانا چونڊيا جيڪي نہ صرف سنڌيت جي فخر جا گانا هئا ۽ پر بيحد ئي دل کي ڇهڻ وارا، وندرائيندڙ ۽ نِرالا هئا.

پروگرام جو خاص اَنڪ هو اَحمدآباد جي ويجهن اَڪيڊميءَ پاران تيار ڪيل ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي مشهور ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي آتم ڪٿا“ تي آڌارت عاليشان ڊرامو جنهنجي مکيہ اَداڪاره هئي ”هني ٿنبواڻي“ جنهن سنڌي ٻوليءَ جو جنسي روپ اختيار ڪري نہ صرف اَسانکي پنهنجي ڀوُمُڪي ۽ عڪيم ٻوليءَ جي جنم ڪٿا ٻڌائي پر اَسانکي پنهنجي ٻوليءَ کي ڪائم رکڻ لاءِ للڪاريو. اهڙو پُراثر ڊرامو مون شايد ئي ڏٺو آهي جنهن ۾ هزارين ماڻهن تاڙيون بہ پئي وڄايون، واهہ واهہ بہ پئي ڪئي پر گڏوگڏ ڳوڙها بہ پئي ڳاريا.

هِن پروگرام ۾ هڪ خاص ڳالهہ اِها بہ هئي تہ هِتي دادا مورج منگهناڻيءَ جي هٿان سنڌي سنگت پاران تيار ڪيل ٦ ٽيليفلمس، ڊبل اِسٽئنبرڊ، تلاش، جيون ساٿي، ڪِتڪتائي ۽ سنڌيت جي موُج جون DVDs پڻ رليز ٿيون. سنڌي سنگت ميڊيا جي مدد سان، ٽيليويزن رستي ٻارن ۽ وڏن کي سنڌي سيکارڻ ۾ وشواس رکي ٿي. اِنڪري سنڌي سرهاڻ ٽي.وي. تي ڪيل ٽيليفلمس کي انگريزي سب ٽائيٽلس سان DVD ۾ پروڊيوس ڪري ٿي ۽ اُن کانپوءِ سنڌي سنگت پنهنجي ويب سائيٽ www.SindhiSangat.tv تي فِري ڊائونلوڊ لاءِ اَپلوڊ ڪري ٿي.

سچ پچ هيءُ پروگرام سچي معنيٰ ۾ ”سنڌيت جو سڏ“ هو يا انگريزيءَ ۾ چئجي تہ وندرائيندڙ ۽ چمڪائيندڙ Wake-up-Call هو. حڪيڪت آهي تہ هڙا پروگرام اَسانکي پُرزور نموني پنهنجي ٻوليءَ ۽ سڀيتا ڏانهن واپس وٺي ٿا وڃن.

هِن زبردس ڪامياب پروگرام لاءِ آشا چاند ۽ سندس ساٿين کي جيتري شاباس ڏجي اوتري گهٽ آهي. شڪ مالڪ جي مٿس اٽمئي آسيس ٿئي جيئن هوُ سنڌيت جي شيوا ۾ پنهنجيون ڪربانيون ڏيندي اچي... ۽ اَسانکي ور ور ننڊ مان جاڳائيندي اچي... پڇاڙيءَ ۾ هڪ ئي اکر چوندس تہ ”شاباس آشا شاباس“...

●